# مڇي جي ٻج جي
# نقل وحمل

2006


## ڊائريڪٽوريٽ آف فشريز - انلينڊ سنڌ

نزد راڻي باغ، ٽنڊي سڙڪ، حيدرآباد

Ph: 022-9200054-9201097-9201096
Fax: 9200042
sindhfisheries_inland@yahoo.com



سلار پرنٽنگ پريس اينڊ پبلشرز دوڪان نمبر 4 سيد آرڪيڊ نج علي ميمڻ اسٽريٽ، ويجهو حيدرچوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد، فون 022-2780909

# پيش لفظ

مڇي جي في ايڪڙ پئداوار وڌائڻ واري پروجيڪٽ شروع ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته سنڌ اندر مڇي جي پئداوار کي وڌايو وڃي ۽ ان ڏس ۾ ماڻهن کي تلاءُ ٺاهڻ ۽ مڇي پالڻ لاءِ فني امداد مهيا ڪئي وڃي. ان کان سواءِ آبادگارن ۽ هارين جي تربيت لاءِ ٽريننگ پروگرام رکيا وڃن ۽ انهن جي رهنمائي لاءِ معلوماتي مواد شايع ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ اڳ شايع ڪيل مواد کان پوءِ هي ڪتاب جيڪو مڇي ۽ ٻج جي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ متعلق آهي، پيش خدمت آهي.

هي ڪتاب اسان جي نوجوان آفيسرن اي ايم اسلم جروار، حضور بخش ڪوسو ۽ حبيب الرحمان ناريجو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فشريز جي گڏيل ڪاوشن جو نتيجو آهي. اسان جي نوجوانن ۾ چاهه ۽ جذبي جي گهٽتائي نه آهي پر ضرورت انهن جي ڪوششن کي اڳتي آڻڻ جي آهي جيڪڏهن اسان جا نوجوان اڳتي اچن ته فشريز کاتي ۽ زرعي شعبي لاءِ هڪ اثاثو ثابت ٿي سگهن ٿا.

اميد ڪجي ٿي ته هاري ۽ آبادگار ڀائرن کي هن ڪتابڙي مان ڀرپور فائدو حاصل ٿيندو.

**غلام محمد مهر**
ڊائريڪٽر
سنڌ انلينڊ فشريز کاتو
نزد راڻي باغ ٺنڊي سڙڪ حيدرآباد

# مڇيءَ جي ٻج جي نقل وحمل

مڇيءَ جو شمار انتهائي حساس جاندارن ۾ ٿئي ٿو. مڇيءَ جو ٻج هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ يا هيچري کان فارم تائين زندهه ۽ صحتمند حالت ۾ پهچائڻ بيحد نازڪ ۽ اهم مرحلو ليکيو وڃي ٿو. ٻج جي منتقلي ۾ يا دوران سفر ٿوري به لاپرواهي يا بي احتياطي ڪرڻ سان مڇيءَ جي ٻج جو موت ٿي سگهي ٿو.

**جدول نمبر 1:** مڇيءَ جي نقل وَحمل (Transportation) دوران سگهه

| | |
|---|---|
| 1- ڏنيرو، موراڪي ۽ ٿيلهو | وچٿري برداشت |
| 2- گلفام (Common Carp) | وڏيڪ برداشت |
| 3- گراس ڪارپ (Grass Carp) | وچٿري برداشت |
| 4- بگ هيڊ ڪارپ (Big Head Carp) | وچٿري برداشت |
| 5- سلور ڪارپ (Silver Carp) | گهٽ برداشت |

مڇي يا مڇيءَ جو ٻج ويجهي يا ڏورانهين مفاصلي تي زندهه منتقلي جا ٻه طريقا آهن.

### (1) مڇي يا ٻج منتقل ڪرڻ جو کليل طريقو (Open Transportation):

مڇي ۽ ٻج منتقل ڪرڻ جو هي طريقو تمام پراڻو آهي. هن طريقي ۾ مختلف قسمن جا برتن جهڙوڪ ڊرم، ڪنٽينر، ٽانڪيون، بالٽيون ۽ ٽب وغيره استعمال ڪيا ويندا آهن جيڪي مٿان کليل هوندا آهن. هن طريقي ۾ برتن ۾ پاڻي ۽ ٻج وجهي وقفي وقفي سان پاڻي جي تبديلي ۽ ايئريشن (Aeration) ڪئي ويندي آهي. هي طريقو گهٽ مفاصلي ۽ ٿوري وقت جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو پر ان جا نقصان فائدي کان وڌيڪ آهن.



مڇيءَ جي منتقليءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪجهه ٿانوَ

### (2) مڇي ۽ ٻج جي نقل وحمل جو بند طريقو (Closed Transporation):

مڇي ۽ ٻج منتقل ڪرڻ جو هي طريقو عام آهي. هن طريقي ۾ ايئر ٽائيٽ برتن يا پلاسٽڪ جون ٿيلهيون استعمال ڪيون وينديون آهن. جن ۾ پاڻي، ٻج ۽ آڪسيجن ڀري ويجهي يا ڏورانهين هنڌ تائين مڇي ۽ ٻج زنده حالت ۾ منتقل ڪبو آهي.

## مڇي ۽ ٻج منتقل ڪرڻ کان اڳ احتياطي تدبيرون

مڇي يا مڇيءَ جو ٻج هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ کان پهريائين هيٺ ڏنل مشورن تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي ته جيئن ان کي صحيح سلامت حالت ۾ پهچائي سگهجي.

1- **خوراڪ بند ڪرڻ:** جنهن تلاءِ يا نرسري جو ٻج يا مڇي منتقل ڪرڻي هجي، ان ۾ ڪنهن به قسم جي مصنوعي خوراڪ گهٽ ۾ گهٽ

24 ڪلاڪ اڳ بند ڪرڻ کپي.

2- **ڪنڊيشننگ ڪرڻ:** ڪنڊيشننگ اهڙي عمل کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ نرسري يا تلاءَ مان مڇي ڪڍي ڪنهن محدود جاءِ جهڙوڪ گول بريڊنگ ٽانڪي، هولڊنگ يعني مڇي جهلي بيهارڻ جي ٽانڪي ۾ ڦوهاري هيٺ بيهاريو آهي ته جيئن مڇي يا ٻج ۾ دوران سفر محدود جاءِ ۾ رهڻ جي عادت پيدا ٿئي ۽ ان جو پيٽ پڻ خوراڪ کان خالي ٿي وڃي. جن تلائن يا نرسرين ۾ مٿي ڄاڻايل سهولتون موجود نه هجن ته تلاءَ يا نرسري ۾ نائلون جي چاري يا ڪپڙي جي هاپي (Happa) ۾ ٻج رکي ان جي ڪنڊيشننگ ڪرائي سگهجي ٿي. ان لاءِ ڪنهن ڇانوَ واري جاءِ جو انتخاب ڪجي ته جيئن مڇي يا ٻج موسمي حرارت جي اثر کان محفوظ رهي. ڇيلري مڇي يا ٻج جي ڪنڊيشننگ دوران پاڻي جو گرمي جو درجو 29 سينٽي گريڊ کان مٿي نه هئڻ گهرجي. ڪنڊيشننگ جي مدي جو دارومدار مڇي يا ٻج جي سائيز، صحت، سفر جي مفاصلي ۽ گرمي جي درجي تي دارومدار رکي ٿو. ڪنڊيشننگ ٽائيم لاءِ مختلف ماهرن جا مختلف رايا آهن، جن مطابق 3 کان 24 ڪلاڪن تائين ڪنڊيشننگ ڪرائي سگهجي ٿي. هن عمل دوران ڪنهن به قسم جي مصنوعي خوراڪ جو استعمال نه ڪجي پاڻي جي ڦوهاري جو استعمال ڪيو وڃي ته جيئن پاڻي ۾ آڪسيجن شامل ٿيندي رهي ۽ پيٽ مان خارج ٿيندڙ مادو پري هٽندو وڃي. ڪنڊيشننگ جي عمل بعد مڇي ان قابل هوندي ته ان کي ڪنهن ڏورانهين علائقي ڏانهن منتقل ڪري سگهجي.

3- **مڇيءَ جي ٻچن جي ڳڻپ:** مڇيءَ جو ٻج تلاءَ مان ڪڍي ٿيلهيءَ ۾ وجهڻ کان اڳ ڪنهن گول منهن واري ٽانوَ يا وڏي چمچي ذريعي ڪٽي ان جي ڳڻپ ڪجي. اهو عمل 4 کان 5 ڀيرا ڪري، ٻچن جي سراسري تعداد في چمچي جي حساب سان ڪڍي وٺجي ۽ پوءِ تلاءَ جي گهرج آڌار ٿيلهين ۾ ٻچو وجهجي.



مڇيءَ جي ڳتب ۽ ٿيلهي ۾ وجهڻ

4- **پيڪنگ ڪرڻ:** جيئن ته مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته اڄڪلهه ٻج منتقل ڪرڻ جو بند طريقو عام آهي، جنهن ۾ خاص طور پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ڪتب آنديون وڃن ٿيون. 18 انچ ويڪر ۽ 32 انچ ڊيگهه وارين هنن ٿيلهين ۾ پاڻي وجهي چيڪ ڪجي ته ٿيلهي ليڪ ته نه آهي. ان بعد هڪ چوٿائي صاف پاڻي وجهي ٿيلهي مٿان ٻي ٿيلهي لڳائي ڊبل ڪجي ان بعد ڪنڊيشن ڪيل ٻج مان ڳهربل ٻج ٿيلهي ۾ وجهي ٿيلهي ۾ موجود هوا مڪمل خارج ڪجي. آڪسيجن گيس ڀرڻ کان ڀهرائين ان ڳالهه جو ڌيان رکڻ کپي ته گيس جو پائيپ پاڻي جي تري تائين پهتل هجي، ان ڪانپوءِ ٿيلهي جو منهن پوري طريقي سان وٽي بند ڪجي ۽ آهستي آهستي آڪسيجن ڀرجي ته جيئن آڪسيجن پاڻي سان مڪس ٿئي. تڪڙي ۽ وڏيڪ پريشر ڏيڻ سان ٿيلهي ڦاٽي سگهي ٿي. ٿيلهي ڀرڻ جي جاءِ کي چڱي طرح صاف ڪجي ته جيئن پٿر، ڪانڪريٽ يا نوڪدار ڪاٺي پري هٽي وڃي. ٿيلهي جي هيٺان ٿلهو ڪپڙو وڇائي رکجي ته جيئن فرش يا زمين جي گرمي جو اثر ٿيلهي جي پاڻي تي نه




آڪسيجن جي نالي ٿيلهي ۾ وجهي عام هوا مڪمل طرح ٻاهر ڪڍجي ۽ پوءِ آڪسيجن ڀرجي




ٿيلهي جي منهن کي وٽي قابول ڪجي ۽ آڪسيجن جو پائيپ ٻاهر ڪڍي سٺي نموني ٿيلهي جو منهن ٻڌي ڇڏجي



آلو ڪيڙو يا گاهه ٿيلهن جي مٿان رکڻ سان ٿڌڪار برقرار رهي ٿي. ان مقصد لاءِ برف پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿي. ان کان علاوه جيڪڏهن گاڏي ڪي هجن نه آهي ته پوءِ ڪنهن طرح ڇانوري جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.



منتقلي دوران ٻج جي حفاظت لاءِ بند ٿيل ٿيلهن کي گتي جي ڪارٽونن ۾ وجهي سگهجي ٿو.



آڪسيجن جي گهٽتائي



ٿيلهي ۾ آڪسيجن گهرج مطابق آهي

اهڙين حالتن ۾ جڏهن نقل وحمل دوران پاڻي مٿائڻ ممڪن نہ هجي تہ پاڻي ۾ حرڪت پيدا ڪجي. ائين ڪرڻ سان ماحولياتي هوا پاڻي ۾ جذب ٿيندي ۽ مڇي پوسڻ ۽ دٻاءَ واري ڪيفيت مان نڪرندي. اهڙو عمل ڪليل طريقي هيٺ مڇي جي منتقلي دوران ڪري سگهبو آهي. پاڻي ۾ حرڪت مختلف طريقن سان پيدا ڪري سگهجي ٿي، جيئن پاڻي مٿان ڪان پلٽڻ يا ان ۾ هٿ سان جهڳ پيدا ڪرڻ. ان ڪان علاوه سائيڪل ۾ هوا ڀرڻ جو پمپ ۽ گاڏي جي بيٽري تي هلي سگهندڙ هوا پيدا ڪرڻ وارو اوزار (Aerator) بہ استعمال ڪري سگهجن ٿا. هڪ اهم ڳالهہ تہ سفر شروع ٿيڻ بعد وچ ۾ گهٽو نہ بيهڻ گهرجي ۽ بي ترتيب گاڏي هلائڻ ڪان پاسو ڪجي.

## وڏي مڇي جي منتقلي

وڏي مڇي منتقل ڪرڻ لاءِ پڻ ساڳيا طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا پر اهو ذهن نشين ڪرڻ کپي تہ ٻچ جي منتقلي ڪان مڇي جي منتقلي وڌيڪ مشڪل آهي. مڇي لاءِ وڏي ڪنٽينر ۽ وڏي سائيز جي ٿيلهي

مان ڪنهن ۾ هڪ دوا سان مڇي کي تڙ ڪرائجي.

| DRUGS | دوائون |
|---|---|
| Aeriflavin<br>Potassium Per manganate<br>Common salt<br>Formalin<br>Furacin Powder | |

## مڇي ۽ ٻج ذخيرو (Stock) ڪرڻ وقت ضروري احتياط

## Precautions for Stocking of Seed and Fish

مڇي يا ٻج ڳهربل مقام تي پهچڻ بعد ان کي تلاءَ ۾ لاهڻ لاءِ هيٺين هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

(1) مڇي يا ٻج سان ڀريل ٿيلهين کي گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽن تائين تلاءَ ۾ بغير منهن کولڻ جي ترڻ ڏنو وڃي ته جيئن تلاءَ جي پاڻي ۽ ٿيلهين جي پاڻي جي گرمي جو درجو برابر ٿي وڃي.

(2) ٿيلهي جو منهن کولي تلاءَ جي پاڻي جو ٿورو ٿورو مقدار ٿيلهي ۾ وجهي ٿورو ٿورو وقتو ڏجي.

(3) ٿيلهي ڀرجڻ بعد ان کي تلاءَ جي پاڻي ۾ بوڙي ڇڏجي ته جيئن ٻج يا مڇي پنهنجي مرضيءَ سان تلاءَ ۾ داخل ٿئي ۽ بنا دٻاءَ جي تلاءَ جي نئين ماحول کي قبول ڪري وٺي.

(4) ٿيلهي کي هرگز ڪلتي نه ڪجي.

(5) ٻج لاهڻ وقت تلاءَ ۾ پاڻي جو وهڪرو جاري رکجي.

(6) ٻج شام جو يا صبح جو سوير يا ٿڌ جي وقت لاهجي.




ٻچ جي رسد لاءِ پلاسٽڪ جي ٿيلهي جي چوڌاري برف جو استعمال

گرم موسم دوران ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ جڏهن آڪسيجن جو سلينڊر موجود نه هجي ۽ ٿيلهي منجهه مڇي پاڻي جي مٿاڇري تي اچي ساهه کڻڻ جي ڪوشش ڪندي هجي ته انهي جو اهو ئي مطلب ٿيندو ته پاڻي ۾ آڪسيجن گهٽجي وئي آهي ۽ مڇي ٻوسٽ جو شڪار آهي. ان حالت ۾ پاڻي فوري طور مٽائجي. اهڙي صورتحال برقرار رهڻ جي صورت ۾ منزل تي پهچڻ تائين اهو عمل بار بار ورجائڻ گهرجي.



ٿيلهن کي ٿوري دير تلاءَ ۾ ترڻ ڏنو وڃي ته جيئن پاڻي جي اندر ۽ ٻاهر جو درجو برابر ٿي وڃي



تلاءَ ۾ ٻج وجهڻ جو غلط طريقو تلاءَ ۾ ٻج وجهڻ جو صحيح طريقو

# گورنمينٽ فش هيچرين جا ٽيليفون نمبر

(1) فش هيچري چيليا نزد ڳوٺ چيليا نيشنل هاءِ وي ضلعو ٺٽو.

فون: 0298-770417-770755

D.O.F (Thatta) 0333-7509396

(2) فش هيچري سکر نزد منڌو ديرو نيشنل هاءِ وي تعلقہ روهڙي

فون : 0300-3218283-0301-3418497

(3) فش هيچري ڪڍڻ-ڪوسڪي باءِ پاس روڊ بدين

فون: 0297-745034-862219 **(PP)D.O.F.Badin** - 0333-2620594

(4) فش هيچري بوبڪ نزد ڳوٺ سبيل انڊس هاءِوي ضلعو ڄامشورو

فون: 025-4611419 **(PP)** - 0300-3425630

(5) فش هيچري ڏوڪري ٽائون ضلعو لاڙڪاڻو. فون: 074-4080660